(گـــل - ١٦ ۽ ١٧)

برهم گيان ڏيڻ ڪٿڻ ملند و؟

هڪ ڏنوان، جنهن وٽ سمپتي گهوڙن، زمين وغيره جي تمام گهڻي هئي ۽ جنهن وٽ داس داسيون هردم حاضر هيون، اُن جڏهن بابا جي ڪيرتي ٻڌي تڏهن هڪ متر کي چيائين ته ”هاڻي مون وٽ ڪنهن به شيءِ جي ڪمي ڪانهي. باقي اَيلشا اٿم ته شرڊيءَ ۾ باباجن وٽ وڃي، برهم گيـان جي پراپتي ڪريان. جي مون کي گيان پراپت ٿيو ته مون جهڙو سکي دنيا ۾ ٻيو ڪين ليکبو.“

دوست چيس ته ”برهم گيان جـي پراپتي، ڪا ٿوري جي ڳالهه ناهي. اوهين استري پت ۽ مـايـا کني ڪرڻ ۾ گتا پيا آهيو تنهن ڪري اوهان لاءِ گيان حاصل ڪرڻ سولو ناهي. ٻر اوهان جي اِها منشا پوري ڪير ڪري سگهندو، جو هڪ پائي به ڇا پر هڪ ڪوڏي به دان ڪانه ڪري!

شاهوڪار اِهـا صلاح ٻڌي اَڻ ٻڌي ڪري، اوت موٽ لاءِ ٽانگو ٻولي شرڊيءَ آيو ۽ سڌو مسجد ۾ هليو ويـو. سائين بابا جي چرڻن تي متو ٽيڪي پرارٿنـا

ڪيائين تہ ”اوهان وٽ جيڪي بہ درشن ڪرڻ اچن ٿا، اُنهن کي ٿوري ئي وقت ۾ پرماتما جو درشن ڪرايو ٿا، اِهو ٻڌي مان پريان کهي آيو آهيان. مسافري ڪندي تڪ بہ ڏاڍو ٿيو آهيان. جيڪڏهن برهم گيان جي پراپتي ڪرائيندا تہ سمجهندس تہ منهنجي مسافري جي تڪليف سڦلي ٿي.“

بابا چيس تہ ”منهنجا پيارا مترا ڌيرج ڌر، مان توکي جهٽ پٽ ۾ برهم جو درشن ڪرائيندس. پر مان نقد سؤدو ڪندو آهيان ۽ اوڌر تي نہ. مون وٽ براٻر اَنيڪ ماڻهو ڌن، صحت، شڪتي، مان، پد هٿ ڪرڻ لاءِ ۽ ٻين پدارٿن جي پوُرتي لاءِ ايندا آهن. برهم گيان جو (پياسو) پياسي ڪو ورلو آيو آهي، باقي دنيوي ۽ سنساري پدارٿن جي پياسين جي ڪوٽ ئي ڪانهي. تو جهڙي پريميءَ جو درشن ڪري مونکي ٻڻ خوشي ٿي آهي ۽ ٻاڻ کي ڏنيہ ٿو سمجهان، جو منهنجي هيءَ گهڙي سڦلي ٿي آهي. مان اوهان کي وڏي خوشيءَ سان درشن ڪرائيندس. تيسين هتي ويهي ٿڪ پيو.“

مطلب تہ ڏلوان کي پريائي وهاريائون ۽ لڳا ساڻس اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪرڻ. ڪجهہ وقت بعد هڪ ٻالڪ کي سڏي چيائون تہ ”نندوُ، مارواڙيءَ کان پنج روپيا اُڌارا وٺي اَچ.“ ٻالڪ موٽي اچي چيو تہ ”نندوءَ جو پتو ئي نتو پوي. سندس گهر کي بہ

تالو لڳو پيو آهي.“ اِن تي بابا ڪيس ٻئي واپاريءَ وٽ پنج روپيا اُڌارا وٺڻ لاءِ موڪليو پر اُتان به هٿين خالي موٽي آيو. ساڳي طرح ٻين واپارين وٽان به موٽي آيو. ڪٿان به پنج روپيا اُڌارا ڪين مليس!

باباجن پنج روپيا اُڌارا وٺڻ جي ليلا ڇو ڪئي ۽ ڪين اُنهن جي ڪهڙي ضرورت هئي؟ هيڏانهن برهم گيان جي جڳياسوُ ڏنوان وٽ، ڪيسي ۾ نوٽن جا ٿها پيا هئا پر ڪڏهن ٻاهر ڪڍڻ بدران، مانُ ڪري، بالڪ جي موٽي اچڻ ۽ وڃڻ جو تماشو ڏسندو رهيو. ڇو؟ ڇو ته بابا، پنهنجو ڏنل وچن ضرور پاڙيندو. جيڪڏهن بابا جو سچو پريمي هجي ها ته پنج روپيا يڪدم ڪڍي پيش رکي ها. ليڪن هي مهاشيه ته بلڪل اُلٽي سڀاءَ وارو پريمي هو. پنج روپيا ڏيڻ مان ڇوٽڻ نه پيا پڇنس ۽ آيو هو برهم گيان وٺڻ!

ڪجهه وقت گذرڻ بعد، ڏيرج ڇڏي چوڻ لڳو ته ”اڙي بابا، مون کي برهم گيان جلدي ڏيو.“ بابا چيس ته ”پيارا متر، هن ننڍڪ مان، توکي سمجهه ۾ ڪجهه ڪين آيو ڇا؟ مان ته توکي برهم درشن ڪرائڻ جوئي يتن ڪري رهيو آهيان يعني ته توکي پنهنجا (١) پنج پراڻ (٢) پنج اِندريوُن (٣) من (٤) ٻڌي ۽ (٥) اَهنڪار اول اَرپڻ ڪرڻا آهن پوءِ تُسي برهم درشن ٿيندو. آتم اُنيوُتيءَ جي مارگ تي هلڻ اهڙو اوکو آهي، جهڙو تلوار جي ڌار تي هلڻ.

آتم اُنڀوتي حاصل ڪرڻ لاءِ هيٺيون (يوگيتائون) لائقيون ڪپن:- (۱) مُمڪشتوَ=مڪتي پائڻ جي زبردست اِڇا ۽ سنساري پدارٿن کي تياڳڻ ۽ حالتن کي منهن ڏيڻ جو دريڍ سنڪلپ. (۲) ورڪت=سنساري پدارٿن مان اُداسينتا يعني ڪنائيءَ اچڻ جو ڀاءُ پيدا ٿيڻ. جيسين مان ۽ وڏائيءَ جو خيال اندر ۾ رهندو، تيسين برهم گيان جو اَڌڪاري ٿي ڪين سگهبو. (۳) اَنترمکتا = اکين ڪن وغيره سان باهريون ڳالهيون ڏسڻ ۽ ٻڌڻ ڇڏي، صرف اندر ۾ جهاتي پائڻ جو ابياس ڪرڻ. (۴) پاپ) کان شڌيءَ = دشت سڀاءُ ڇڏي، من جي پوُرڻ شانتي پراپت ڪرڻ. اَن کانسواءِ من جي اَسترتا (هڪ هنڌ ٽڪڻ) قائم ڪين ٿيندي. (۵) اُچت آچرڻ = ستيہ وادي ۽ تياڳي ٿي، برهمچريہ جو ورت پالن ڪرڻ (٦) سار وستوءَ گرهڻ ڪرڻ = نتيہ يعني اَڏ ياتمڪ شين ۽ اَنتيہ يعني سنساري وشين کي، وويڪ دئاران تڪ تور ڪري، فيصلي تي پهچڻ، تہ ٻنهي مان ڪلياڻڪاري شيءِ ڪهڙي آهي ۽ اُن تي آچرڻ ڪرت (هلت ڪرڻ). (۷) من ۽ اِندرين جو سنگرهہ=من ۽ اِندرين تي پوُرو قبضو رکڻ. اسان جو سرير هڪ رٿ (گاڏيءَ) جي برابر آهي، جنهنجا گهوڙا آهن اِندريون ۽ لغام آهي من، جو اِندرين جو هلائيندڙ آهي. جي من چنچل آهي ۽ اِندريون، دشت گهوڙن جي برابر آهن تہ اُهي رٿ کي گهلي وڃي کڏهن

اوڙاهه ۾ وجهندا يعني جنم مرڻ جي چڪر ۾ پيا
ڪيرائيندا رهندا. ٻيو جي من ۾ آندريون ڪَس ۾ آهن
تہ سوير جي رت کي پرماتما وٽ پهچائي، جنم مرڻ جي
چڪر کان مڪت ڪندا. (٨) من جي ٻو ترتا=سڪام
ڪرم ڪرڻ ڇڏي، نشڪام ڪرم ڪرڻ - اهنڪار جو
تياڳ ڪرڻ ۽ اِهو ڀرم دور ڪرڻ تہ مان شريو ناهيان
پر آتما آهيان. وشيہ واسنا ڇڏڻ سان، من پوترو ٿيندو
پر آتما ساڪياتڪار ڪرڻ ۾ سولائي ٿيندي. (٩) گوروءَ
جي ضرورت ۽ آتم گيان جي (رهسيہ) ڳجهہ کي سمجهڻ
لاءِ آتم اَنڀوَتيءَ واري گوروءَ جي سکيا وٺي، اُن موجب
رهڻي رهڻ. (١٠) ايشور ڪرپا جي پوم آوشيڪتا يعني
مٿين نون ڳالهين پوُرن طرح حاصل ڪرڻ کانپوءِ بہ،
ايشور جي ڪرپا جي ضرورت آهي. ويد وديا ۽ ٻين
ودياڻن پڙهڻ سان صرف خشڪ گيان ئي پراپت ٿيندو
آهي، جنهن ڪري اِنسان اَهنڪاري ٿي پوندو آهي.
ايشور ڪرپا اُنهن تي ٿيندي، جيڪي وويڪ ۽ وئراڳ
جي مارگ تي هلي، ايشور کي پرارٿنا هروقت ڪندا رهندا
تہ”هي پربوُ، ڪرپا ڪر، پنهنجي راهہ ۾ هلائيندو رهہ.“

جڏهن اِهو اُپديش پورو ٿيو تڏهن هن ڏڏوان کي
چيائون تہ ”مهاشيہ، اوهانجي کيسي ۾ پنجن روپين
کان پنجاهہ پيرا وڌيڪ نوٽن جي رُوپ ۾ بوهم آهي،
اهي مهرباني ڪري ٻاهر ڪيو. هن نوٽ ڪڍي ڳڻيا

تہ برابر ونس ڏهن روپين وارا پنجويهہ نوٽ يعني (٢٥٠) اڍائي سؤ روپيا هئا!! هو باباجن جي اِها انتربامتا ڏسي، باباجن جي چرڻن تي ڪري پيو ۽ معافي وٺڻ لڳو. باباجن چيس تہ ”هاڻي هي پنهنجو نوٽن جو بنڊل (برهم) وٺي ڪيسي ۾ وجهہ. جيسين اوهان لالچ، ايرشا (حسد) کان ڇوٽڪارو نہ پاتو آهي، تيسين برهم گيان جي ڄاڻ اوهانکي ڪين پوندي. سنساري پدارٿن ۾ جيسين من ڦاٿل ۽ ڳنڍيل رهندو، تيسين برهم جي ڄاڻ جي آشا رکڻ اجائي آهي. دنيا جي مايا ۾ موهہ ۽ ڌن جي ترشنا جي ساگر ۾، اهنڪار ۽ ايرشا روپي مانگر مڇ رهن ٿا، جي انهن کي کائي ٿا وڃن. پر جيڪي نراچا ٿي، انهن کان پري رهندا آهي ٿي پوَ ساگر پار ڪري سگهندا. ترشنا ۽ برهم پاڻ ۾ ڪٽر شترو آهن، گڏ رهي ڪين سگهندا.

جهان رام تهان ڪام نهي.

جهان ڪام نهي رام

تلسي ڪبهوُن هوت نهي،

دوِ (سج) رجني (رات) اِڪ ٺام.

جو من، وشيہ واسنائن سان پرپل آهي، اُن ۾ برهم ويچار ڪي، وهڻ جي جاءِ ئي ڪانہ ملندي. لوڀي پرش ڪي مڪتيءَ جي پراپتي ڪٿي ٿي سگهندي؟ لالچي

إنسان کـي شانتي، سنتوش ۽ دريہ نشچيہ پراپت ٿـي ڪين سگهندا. جيسين من ۾ ڪڻ ماتر ۾ لوڀ وغيره رهندو تيسين سڀ ساڌنائون وڳـوڙ ويندين ۽ آتـم انڀؤتـي ڪري ڪين سگهبي. جيڪي آهنڪار وشيہ چنتن ۾ رنگيل آهن، انهن تي گوروءَ جي سکيا ۽ اپديش جو، ڪوبہ اثر ڪين پوندو.

تنهن ڪري من جي پوترتا هئڻ تمام ضروري آهي جو تہ ان بنا، آڌياتمڪ ساڌنائن کي ڪابہ مهتوتا ناهي. جن ۾ برهم گيان جي لائقي نہ سعدس، انهن کي ٿـي مان فائدو پهچائي سگهندس. هن مسجد جي اندر ويهي، مان ڪين بہ استيہ ڀاشڻ ڪين ڪندو آهيان. جهڙي طرح مجلس ۾ ڪوٺ ڏنل ماڻهوءَ سان گڏ، سندس ڪٽنب وارا پڻ شامل ٿي، اچي کائيندا آهن، تئن تو سان گڏ ساري سنگت کي پڻ برهم گيان جي پراپتيءَ جي باري ۾ سمجهاڻيءَ جو لاڀ مليو آهي."

ڪيترا اهڙا سنت آهن، جي گهر تياڳي، جهنگلن ۽ پهاڙن جـي غفائن جي ايڪانت ۾ رهـي، مڪتي ۽ مـوکش پراپت ڪرڻ جو يتن ڪندا رهن ٿـا. هتنکي ٻين جو اونو ڪين رهندو آهي پر باباجن انهيءَ سڀاءَ جا نـہ هئا. هـو جيتوڻيڪ بلڪل تياڳي هئا تـہ بہ سنسار ۾ ئي رهندا هئا. فقط ٤ـ٥ گهرن مان ڀکشا وٺي،

وڻ جي ڇانوَ ۾ ويهي سنساري ماڻهن کي سکيا ڏيندا هئا ته دنيا ۾ هلڻ ڪئن کپي. سائين بابا جهڙا سادو سنت ڪي ورلا ٿيندا آهن، جي ڀڳوت پراپتيءَ بعد به، لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ يتن ڪندا ٿا رهن. ”اهو ديش، ڪٽمب، ماتا پتا ڌنيه آهن، جتي سائين بابا جهڙا آساڌارڻ، پرم سريشٽ، انمول ۽ شڌ رتن پيدا ٿين ٿا.“